ٻارڙو ادب

سنڌ جا سپوت

مخدوم بلاول

ميمڻ غلام مصطفيٰ مشتاق

سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو

ٻارائو ادب

سنڌ جا سپوت

مخدوم بلاول

ميمڻ غلام مصطفيٰ مشتاق

سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو

ڇپائيندڙ: سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو
(حق ۽ واسطا محفوظ)
ڇاپو پهريون ۱۹۹۰
تعداد ۵۰۰۰
قيمت ۰۰-۴۰رپيا

Personalities of Sindh
Published by : Department of Culture and Tourism
Government of Sind
Printed by : Azad Communications Karachi.

هي ڪتاب مهتاب اڪبر راشدي سيڪريٽري، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران ڇڏرو ڪيو ۽ آفتاب ابڙي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪلچر (پبليڪيشنس) جي نگرانيءَ هيٺ آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي ڇپيو.

ملڻ جو هنڌ
ڊائريڪٽوريٽ آف ڪلچر (پبليڪيشنس)
جناح ڪورٽس، ڊاڪٽر ضياالدين احمد روڊ ڪراچي.
فون - 513334

پيش لفظ

هن وقت تائين ٻارائي ادب تي ايترو توجهه نه ڏنو ويو آهي، جيترو ڏيڻ کپندو هو. ٻارائو ادب قومي جاڳرتا ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. اها هڪ ميچيل حقيقت آهي ته ٻارائي عمر ۾ ڪنهن شيءِ کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت، وڏي عمر وارن جي ڀيٽ ۾ گهڻي هوندي آهي. ان عمر ۾ ئي ٻارن جي پيڙهه پختي ٿيندي آهي.

ٻارائي ادب جي کوٽ کي محسوس ڪندي، اسان ٻارن جي تعليمي ۽ ذهني اوسر لاءِ دلچسپ، اصلاحي، مفيد، معلوماتي، تاريخي ۽ ديني ڪتابن شايع ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي.

معلومات ۽ وندر وارن ڪتابن سان گڏ، اسان جي اها ٻڻ ڪوشش آهي ته ٻارن کي پنهنجن عظيم سپوتن ۽ انهن جي ڪارنامن کان واقف ڪريون ته جيئن هو اخلاق ۽ ڪردار جي پختگي طرف گامزن ٿي، مستقبل ۾ ڪاميابيون ماڻي سگهن.

ڪتاب، انسان جو بهترين دوست آهي، جيڪو انگي سنئين راهه تي ولي وڃي ٿو۽ منجهس اخلاق، سچائي، بهادري ۽ بُري ڀلي سمجهه پيدا ڪري ٿو. ٻارن لاءِ ڪتابن جو اهو تحفو ڏيندي سنڌ ثقافت کاتو گهڻي خوشي محسوس ڪري ٿو. اميد اٿئون ته اسان جي هيءَ نمائي ڪوشش توهان وٽ قبول پوندي.

مهتاب اڪبر راشدي

مخدوم بلاول

ابتدا

اسانجي سنڌ سونهاري جڳن کان وٺي پنهنجي حيثيت برقرار رکندي پئي اچي. اها ٻي ڳالهه آهي ته مختلف دورن ۾ سندس حيثيت گهٽبي ۽ وڌندي رهي آهي. ڪڏهن هي علائقو خودمختيار حالت ۾ رهيو آهي ته ڪڏهن غيرن جي غلاميءَ جوڳٽ سندس ڳچيءَ ۾ رهيو آهي. ڪڏهن هي الڳ ملڪ جي صورت ۾ اسانکي ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته ڪڏهن هي ٻئي ڪنهن علائقي يا صوبي جو هڪ حصو ٿي ڪم ڪندي نظر ٿو اچي. ڪڏهن هي ملڪ سکيو ستابو ۽ ساڻو ڏاڍو ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته ڪڏهن وري هتان جا مسڪين مارو ماڻهو ڳيي ٽڪر لاءِ بہ واجهائيندي نظر اچن ٿا... پر اهو اڪثر ان وقت ٿيو آهي، جڏهن سنڌ ڌارين جي قبضي ۾ رهي آهي يا مٿس مغل حاڪمن جي طرفان ناسمجهه ۽ ناتجربيڪار گورنر مقرر ٿيندا رهيا آهن. تاريخ شاهد آهي ته سنڌ تي جڏهن بہ سنڌين جي پنهنجي

حڪومت رهي آهي تہ سنڌ سک جو ساهہ ڪنيو آهي ۽ سنڌي عوام جي محنت، لگن ۽ وطن سان محبت جي جذبي، سنڌ کي سکيو ستابو ۽ مالدار بڻائي ڇڏيو آهي. ملڪ ۾ امن امان جو دور رهيو آهي ۽ ان امن امان جي ڪري زندگيءَ جي هر ميدان ۾ سنڌين ترقي ڪئي آهي. واپار جو ميدان هجي يا زراعت جو ميدان، علم ۽ ادب جو ميدان هجي يا هنر جو ميدان ۽ عام حالتون هجن يا جنگ جو ميدان، مطلب تہ هر ميدان ۾ سنڌين پاڻ پڻي ملهايو آهي. اهڙن دورن ۾ جڏهن سنڌ، تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز بڻجي ويندي هئي ۽ هنرن جي گهڻائي ۽ سٺن فصلن جي ڪري هر طرف سک، آرام ۽ سستائپ هوندي هئي، تہ پرڀاسي وارين قومن يا حاڪمن جون نظرون سنڌ ڏانهن کڄڻ لڳنديون هيون ۽ هو ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان سنڌ جي سائي ۽ ستابي ملڪ تي قبضو ڪري لٽڻ ۽ ڦرڻ لڳندا هئا.

اهڙي مشڪل وقت ۾ سنڌ جا ماڻهو ڪو چپ ڪري ڪونہ ويهندا هئا، پر هو اندر ئي اندر ۾ ڪڙهندا رهندا هئا ۽ آهستي آهستي سنڌ کي ڌارين جي چنبي مان آزاد ڪرائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهندا هئا. سنڌ تي قبضي ٿيڻ کان اڳ بہ ۽ پوءِ بہ هتان جا جوڌا جوان توڙي عالم ۽ بزرگ سڳورا سنڌ لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو ڏيندا رهيا آهن. اهڙن ئي بزرگن مان، جن سنڌ

ملڪ جي مارونڙن کي غيرن جي غلاميءَ کان بچائڻ لاءِ پنهنجي خُجري مان نڪري، سنڌ جي جوڌن توڙي عام ماڻهن کي ڏارين سان مقابلو ڪرڻ لاءِ اڀاريو، انهن ۾، مخدوم بلال جي شخصيت مٿاهين ۽ پڌري ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

پيدائش:

اڄ کان اٽڪل ٥٣٨ سال اڳ، هيءَ ان وقت جي ڳالھ آهي، جڏهن اسانجي سنڌ سونهاريءَ تي سما خاندان جو راڄ هو ۽ ڄام تغلق جو آخري دور هو... ملڪ تي نيٺ سنڌي ماڻهن جي حڪومت هئي ۽ ڌارين جي ڌپ ۽ ڌاءَ کان سنڌ جي جند آزاد هئي. اهڙي دور ۾ سمن جي ئي هڪ گهراڻي ۾ مخدوم حسن جي گهر ۾ هڪ ٻار پيدا ٿيو، جنهن جو نالو بلاول رکيو ويو. مخدوم حسن، مخدوم ادريس جو پٽ هو، جيڪو سنڌ جي نالي واري ۽ مشهور حاڪم ڄام نظام الدين، جنهنکي ڄام نندو به سڏيو ويندو آهي، جو ڀاءُ هو. جيئن تہ مخدوم ادريس هڪ الله لوڪ ۽ صوفي شخص هو، تنهنڪري هن جي دل محلاتن ۾ ڪونہ لڳي ۽ هو پنهنجي حاڪم خاندان کان الڳ ٿي، سيوهڻ شهر جي ڀرسان ٽلٽيءَ جي علائقي ۾ اچي رهڻ لڳو. اتي ئي مخدوم ادريس کي مخدوم حسن ڄائو، جنهن مان وري مخدوم بلاول، پيدا ٿيو. مخدوم بلاول تاريخ

۴-ربيع الاول سنہ ۸۵٦ هجري مطابق ١٦-جون ١۴۵١ع تي هن دنيا ۾ ٻهريون دفعو اکيون کوليون.

علم حاصل ڪرڻ:

ننڍڙو بلاول ننڍ کان ئي ذهين، هوشيار ۽ ديني علمن سان دلچسپي رکندڙ هو. جيئن تہ سندس والد مخدوم حسن پاڻ دنيا جا عيش ۽ آرام ڦٽا ڪري چڪو هو، تنهنڪري مخدوم بلاول تي بہ اهو ئي اثر پيو ۽ هي بہ ننڍي هوندي کان ديني تعليم ڏانهن لاڙو رکڻ لڳو. ان سلسلي ۾ هن ٺٽيءَ جي هڪ بزرگ ۽ عالم سيد نورحسن شاه بخاريءَ جي شاگردي اختيار ڪئي. شاه صاحب هن ننڍڙي مخدوم بلاول جي ڏاهپ ۽ هوشياريءَ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سندس شوق ۽ محنت جي ڪري، هن ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ لڳو ۽ شفقت جي نظرن سان ڏسڻ لڳو. ڪن تاريخ دانن لکيو آهي تہ مخدوم بلاول شروعاتي تعليم ٺٽي جي مدرسن مان پرائي ۽ پوءِ سيد نور حسين شاه بخاريءَ جي شاگرديءَ ۾ آيو. بهرحال سيد صاحب جي خاص نظر جي ڪري، هن نہ صرف قرآن شريف ياد ڪيو، پر ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب بہ پڙهي ورتا. سيد صاحب کانسواءِ مخدوم صاحب ٺٽيءَ ۾ ئي مخدوم عمر کان بہ علم پرايو. تاريخ دان لکن ٿا تہ. "مخدوم صاحب تفسير ۽ حديث جي علم ۾ تمام

ماهر هو، بلند درجن جو مالڪ هو.“ وڌيڪ لکيو ويو آهي ته،
”وڏو عارف ۽ الله کي پهتل شخص هو. ظاهري علم ۾ پڻ وڏو
شان رکندو هو.“ سندس انهن علمي ڪمالن ۽ مهارت جي ڄاڻ
۽ هاڪ، جلدئي جتي ڪٿي پهچڻ لڳي. علم جا شوقين ۽ پياسا
پري پري کان ڪَهي اچي مخدوم بلاول وٽ پهچڻ لڳا ۽
پنهنجي علم جي پياس اجهائڻ لڳا.

استاد جو ادب:

مخدوم صاحب جنهن وقت ٺٽيءَ ۾ سيد نورحسين شاه
بخاريءَ وٽ تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪئي ته هن جي ذهني
قابليت ۽ علم ڏانهن لاڙو ڏسي، سيد صاحب هن جي مٿان تمام
گهڻو راضي ٿيو ۽ چاهيائين ته هي نينگر آسانيءَ سان پنهنجي
منزل ڏانهن وڌ وڌائي، انڪري سندس سهوليت لاءِ ڳوٺ جي
هڪ دوڪاندار محمد خان ميمڻ کي چئي ڇڏيائين ته هي
نينگر جيڪي به ڪجهه وٺي، اهو اسانجي حساب ۾ لکندو
ويجانءِ. مخدوم بلاول جيتوڻيڪ هڪ اميراڻو ٻار هو، پر
تڏهن به هن اميري ڇڏي فقيري اختيار ڪئي هئي ۽ پنهنجيون
ضرورتون تمام گهٽائي ڇڏيون هيون، انڪري هن ڪنهن به
شيءِ جي طلب ڪو نه رکي، پر جيئن ته استاد محترم جو
حڪم هو، انڪري ادب کي خيال ۾ رکندي، ان دوڪاندار

کان سڄي سال ۾ صرف هڪ پئسي جا پڳڙا خريد ڪيائين.
اهو بہ انڪري تہ جيئن استاد جو چوڻ پورو ٿئي.

پارهن مهينن ڪانپوءِ جڏهن سيد نورحيسن شاه بخاريءَ دوڪاندار کان حساب ڪتاب پڇيو تہ دوڪاندار سموري ڳالهہ ڪري ٻڌايس. اهو ٻڌي سيد صاحب، مخدوم صاحب کان ويتر گهڻو متاثر ٿيو ۽ سندس محبت ۽ شفقت ويتر وڌي وئي.

رهائش، شادي ۽ ڪِرت:

مخدوم بلاول صاحب، پنهنجو ننڍپڻ ۽ جواني، تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ٺٽيءَ ۾ ئي گذاريا-علم پرائڻ ڪانپوءِ مخدوم صاحب اتي ئي رهي پيو. شادي ڪيائين ۽ زماني جي گذران خاطر ٺٽيءَ جي پرسان "بخاري" نالي ڳوٺ ۾ ڪورڪو ڪم شروع ڪري ڏنائين، جو ان وقت ڪورڪي ڪم کي اهميت، قدر ۽ عزت وارو پورهيو سمجهيو ويندو هو.

ان ئي زماني ۾ 'باغبان' ۾ هڪ صوفي ۽ الله وارو بزرگ مخدوم دانيال بہ رهندو هو. مخدوم دانيال جيوڻيڪ پاڻ بہ ڀهتل شخص هو ۽ وڏي مرتبي وارو بزرگ هو، پر تڏهن بہ اڃان روحاني سڪ اجهائڻ ۽ طلب پوري ڪرڻ لاءِ، خدا وٽ مقبول ڪنهن ٻي ٻندي جي تلاش ۾ رهندو هو. انهيءَ ڳولا ۽ جستجو ڪندي،

هو هڪ ڏينهن بخاري ڳوٺ ۾ مخدوم بلاول وٽ اچي پهتو. مخدوم بلاول سان ڪچهري ڪندي هو ڪانئس تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ سمجهيائين ته سندس روحاني اچ اُتان ئي اجهامندي. اها ڳالهه سوچي هو ڪيس پاڻ سان هلڻ لاءِ ايلاز ۽ منٿون ڪرڻ لڳو. آخر مخدوم بلاول کي وٺي 'باغبان' ۾ آيو. باغبان، جيڪو "ٽڳڙ باغبان" جي نالي سان به سڏبو هو، سو دادو ضلع ۾ آهي ۽ اڄان تائين مخدوم صاحب جي نالي پٺيان مشهور آهي. مخدوم صاحب هاڻي باغبان ۾ رهڻ لڳو ۽ ساڳيو ئي ڪورڪو ڪم ڪرڻ لڳو. ان سان گڏوگڏ هن مسجد بيگو شهيد ۾ شاگردن کي ديني تعليم به ڏيڻ شروع ڪئي. هيءَ مسجد بيگو شهيد اڄان به باغبان جي ڳوٺ ۾ موجود آهي. ظاهري ديني تعليم سان گڏوگڏ مخدوم صاحب روحاني منزل حاصل ڪرڻ وارن جي به رهنمائي ڪندو رهيو ۽ کين فيض ڏيندو رهيو. مخدوم دانيال به پنهنجن مريدن سميت اتان ئي پنهنجي طلب پوري ڪئي.

سيرت ۽ صورت:

سنڌ جي نامياري ليکڪ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب، پنهنجي هڪ مضمون، "مخدوم بلاول هڪ محب وطن بزرگ" ۾ عوامي روايتن کي آڏو رکندي مخدوم بلاول جي

شخصيت ۽ ڪردار جي تصوير هن نموني چٽي آهي:

"سندس چهرو رعبدار هوندو هو، جنهن مان نور پيو بکندو هو. سندس اکين مان بہ نور پيو جهلڪا ڏيندو هو. آخري عمر ۾ سفيدريش هيس ۽ مٿي جا وار ڊگها ۽ گهاٽا هيس. رنگ ڪڻڪ-ونو، زردي مائل هيس. هيشہ ٿلهو ڪپڙو اوڍيندو هو. پهريانڻ ڊگهو ۽ شلوار ننڍي پهريندو هو. مٿي تي وڏي دستار هوندي هيس، جيڪا ڪڏهن ڪاري تہ ڪڏهن اڇي هوندي هئي. سرمون گهڻو پائيندو هو. گوشت گهٽ کائيندو هو ۽ گوشت لاءِ چوندو هو: "پنهنجي پيٽ کي ڍونڍ جو ڍير نہ بڻايو." البت مڇي سندس پسنديده غذا هئي. روزي نماز جو سختيءَ سان پابند هو. ڪڏهن بہ ڪنهن ساهواري کي پنهنجي هٿن سان ذبح نہ ڪيائين. آئي وني سان ڏاڍي محبت، شفقت ۽ عزت سان ملندو هو. سندس دعا مستجاب هئي (يعني قبول ٿيندي هئي). ڪپڙي اُڻڻ واري آڏاڻي کي اندر جي چرخي سان ڀيٽ ڏئي چوندو هو: "جهڙي طرح هي ڪپڙي اُڻڻ وارو ڪارخانو (آڏاڻو) تيزي، هوشياري ۽ خبرداريءَ سان هلائبو تہ ڪپڙو بہ سٺو اُچندو ۽ نبيرو بہ ٿيندو، تهڙيءَ طرح اندر جو ڍانچو بہ خبرداريءَ سان هلائبو تہ هيءَ دنيا توڙي هوءَ دنيا موچاري ٿيندي."

مخدوم صاحب جي ڪردار جي واکاڻ ڪندي، تاريخ سنڌ جي صاحب لکيو آهي ته، "هي بزرگ ٽلٽيءَ ۾ رهندو هو. هن جو گهڻو وقت ماڻهن کي نصيحتون ڪرڻ ۽ سٺيون سٺيون ڳالهيون ٻڌائڻ ۾ گذرندو هو. تمام وڏو عارف ۽ الله کي ڀيٽل پانهو هو- قرآن شريف جي تفسير جي علم ۽ حديث جو ماهر هو. هي ڀهريون بزرگ آهي، جنهن سنڌ ۾ ٻاهرين اقتدار جي ظاهر ظهور مخالفت ڪئي. زهد ۽ رياضت سان گڏوگڏ هن عوام جي عام سڌاري تي خاص ڌيان ڏنو. هو گهڻو وقت انسانن کي ڀلائيءَ جو درس ڏيڻ ۾ گذاريندو هو ۽ عوام جي مذهبي، اخلاقي ۽ سماجي حالت سڌارڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهندو هو."

شاعري:

مخدوم بلاول سنڌي، سرائڪي، عربي، فارسي ۽ ترڪي ٻولين ۾ چڱي خاصي مهارت رکندو هو. فارسي ٻوليءَ ۾ سندس رباعيون ملن ٿيون، جن مان هڪ مشهور رباعي جو سنڌي ترجمو ڏجي ٿو.

"خدا تعاليٰ جي واٽ ۾ عجز ۽ تواضح اختيار ڪرڻ گهرجي. پنهنجي مرضي ۽ اختيار جي عملن کي ترجيح نه ڏي. عشق وارن وٽ هن دنيا ۾، ڏيک ويک ظاهر ڪرڻ ڪفر (حرام) آهي.

پنهنجي خوديءَ کي ختم ڪري (نفس کي ماري)، خدا تعاليٰ جي طرف وڃڻ گهرجي."

سنڌيءَ ۾ به سندس نالي سان ڪجهه شاعري منسوب آهي، مثال طور مداح جون هيٺ سٽون پيش ڪجن ٿيون:

اول عشق عربي ڄام جو لکيو آهه ڏريان،
آڳي احمد ﷺ ڄام ڪيو جلوو جمالا،
ڪارڻ پيدائش پرينءَ جي هستيءَ ڪيو هڳاءُ،
منجهان آهه عشق جي ٿيا عالم آبادا،
علم عقل سيئن ٿيو ظاهر ظهورا،
سمي سر جهڪايو لءِ مارڻ ملوڪا،
سر جنين جا سٽ ۾ ٻيتي تن پڪا،
سرڪ انهيءَ هيڪڙيءَ گهائي گهوٽ وڏا.

سنڌ جي سياسي حالت ۽ دولهه دريا خان:

مخدوم بلاول جي ڏينهن ۾ سنڌ تي سمن جي حڪومت هئي. سما خاندان جي حاڪم ڄام نظام الدين، جنهنکي ڄام نندو به چوندا آهن، جي ڏينهن ۾ ملڪ ۾ امن امان هو ۽ هر طرح جي خير خيريت هئي. ملڪ ۾ علم ۽ هنر تمام جهجهو هو، جنهنڪري پري پري کان عالم ۽ هنرمند ماڻهو هتي اچي رهيا هئا. سندس گاديءَ وارو هنڌ ٺٽو هو، جيڪو تهذيب ۽

تمدن، ۽ علم ۽ فضل جو مرڪز بڻجي ويو هو- نہ صرف ننڍو پر ڄام نندي جي دور ۾ بکر، روهڙي، نصرپور، مٽياري، دربيلو، ڀاڻ، باغبان، سيوهڻ ۽ سن پڻ واپار، علم، تهذيب ۽ هنرمندي جا وڏا هنڌ ليکجڻ لڳا. ان وقت سنڌ حڪومت ۾ بلوچستان جو ڪجھ حصو، ملتان ۽ بهاولپور جو ڪجھ حصو، لس ٻيلو ۽ ڪڇ جو حصو شامل هئا. سنڌ تي ڄام نندي جو پورو ضابطو هو. تاريخ پڙهڻ مان خبر پئي ٿي تہ ڄام نندي جي دور ۾ ڪنهن بہ ڌارئي کي سنڌ ڏانهن اک کڻڻ جي همت ڪونہ ٿيندي هئي. هن جي دور ۾ صرف هڪ ڀيرو شاهه بيگ ارغون قنڌار کان اچي، اڳڙي، چانڊوڪي، سنديچي ۽ ڪوٽ ماڇيءَ تي حملو ڪيو ۽ ڦرلٽ ڪئي. شاهه بيگ جي ان حملي جي جواب ۾ ڄام نندي هڪ وڏو لشڪر چاڙهي موڪليو. سيويءَ جي ميدان تي ٻنهي لشڪر آمهون سامهون ٿيا- زبردست جنگ لڳي، جنهن ۾ شاهه بيگ جو ڀاءُ مارجي ويو ۽ ڀڄي ويا. انهن تي اهڙي دهشت چڙهي جو جيستائين ڄام نندو جيئرو هو تہ هنن وري سنڌ تي ڪاهڻ جي جرئت ڪونہ ڪئي.

جڏهن ڄام نندو گذاري ويو تہ هن جي جاءِ تي سندس پٽ ڄام فيروز تخت تي ويٺو. ڄام فيروز جيئن تہ ايان نندي ڄمار

جو هو، تنهنڪري اميرن، وزيرن، پنهنجي طاقت وڌائڻ لاءِ سازشون شروع ڪري ڏنيون. تاريخ طاهريءَ ۾ آهي ته جڏهن ڄام فيروز پنهنجي پيءُ جي جاءِ تي تخت تي ويٺو ته هن خاندان جي وفادار ۽ سچڻ امير درياخان، جنهنڪي ڄام نندي پنهنجو پٽيلو بڻايو هو، جي وڌندڙ اثر کي ڏسي، عيش ۽ عشرت ۾ ٻڏل ڪمسن ۽ ناتجربيڪار حاڪم (ڄام فيروز) کي، سندس خود غرض ۽ لالچي اميرن صلاح ڏني ته ملڪ جا سمورا زميندار ۽ روزُ پريندڙ، ظاهر ظهور درياخان جا مطيع ۽ فرمانبردار بڻيا بيٺا آهن ۽ هو اوهانجي ڪابه پرواهه ڪونه ٿا ڪن. اُهي اِهو ٿا سمجهن ته اوهانجي پيءُ جي گذاري وڃڻ کانپوءِ اصل ۾ حڪومت جو مالڪ دريا خان ئي آهي ۽ ايجان تائين هي ملڪ اوهانجي قبضي ۾ ڪونه آيو آهي. ڄام فيروز انهن جون اهي ڳالهيون ٻڌي، انڪري چپ رهيو جو هو دريا خان جي اقتدار کي ختم ڪرڻ جي ڀاڙ ۾ طاقت ساري نه پئي سگهيو. جڏهن انهن سازشي اميرن ڏٺو ته سندن ڳالهين جو اثر ڄام فيروز تي ڪونه ٿو ٿئي ته پنهنجي ساڙ ۽ حسد جي ڪري هو ڄام-فيروز جي ماءُ مدينه ماڇيائيءَ وٽ وڃي پهتا. انهن سندس ماءُ کي سمجهايو ته سڄي ملڪ تي اثر ته سندن غلام، دريا خان جو آهي ۽ ڄام فيروز جي ڪابه نٿي هلي. جيتوٽيڪ

اسان دريا خان کي قيد ڪرڻ جا ڪيترائي حيلا هلايا آهن پر ڪجھ بہ نہ وريو آهي. هاڻي سندس اقتدار کي ختم ڪرڻ جي بهترين تدبير اِها آهي تہ مغلن ۽ ارغونن کي پنهنجي ملڪ تي قبضو ڪرڻ جي دعوت ڏني وڃي تہ جيئن اُهي هن جو دماغ درست ڪن. جيڪڏهن هو هن ملڪ تي قبضو ڪرڻ کانپوءِ، وري هي ملڪ اساڳي حوالي ڪن تہ واه واه، ۽ جيڪڏهن هو ائين نہ بہ ڪن تڏهن بہ انهن جي غلامي، هن خريد ڪيل غلام جي غلاميءَ جي ذلت کان چڱي آهي.

ان گهٽ عقل واري ۽ بي سمجھ عورت، هنن خود غرض اميرن جي، ان غير واجبي صلاح کي قبول ڪيو ۽ پاڻ ئي پنهنجي حڪومت جي تباهيءَ جو سامان بڻجي، سنہ ٩٢٢هجري (١٥١٦-١٧ع) ۾ شاه بيگ وٽ قنڌار پهتي ۽ شاه بيگ کي اهي ڳالهيون وڃي ٻڌايائين، جيڪي ٻين اميرن ڪيس سمجهائي موڪليو هو. ان کانپوءِ ڪيس سنڌ تي حملي ڪرڻ جي دعوت ڏنائين ۽ پاڻ ئي شاه بيگ کي سنڌ ڏانهن وٺي اچڻ لاءِ سونهون بڻي. شاه بيگ باغبان کان سيوهڻ جي رستي ٿيندو لڪي جي پرسان وهندڙ هڪ واه "خانواه" جي ويجهو اچي لٿو، جنهنکي دريا خان زمينن کي پاڻي ڏيڻ لاءِ کوٽرايو هو. هتي پهچي شاه بيگ جنگ جو بي وقتو طبل وڄرايو. ان طبل جو آواز

ٻڌندي ئي دريا خان، ڄام فيروز کي چيو تہ مغلن جي ھيءَ بلا، تون منھنجي ھٿان ڪونہ آندي آھي پر تو پنھنجي پير تي پاڻ ڪھاڙي ھڻي آھي. ڇڳو ايئن آھي تہ ھاڻي بہ پاڻ ۾ ٻڌي ڪري ۽ ھڪ ٿي، ھن فتني سان مُنھن ڏيون، تہ جيئن ھي ملڪ مغلن جي ھٿن ۾ وڃڻ کان بچي وڃي، نہ تہ پنھنجي ڪئي تہ پڇتائڻ جو وقت بہ نہ ملندءِ. پر ڄام فيروز ۽ سندس ساٿارين سمجھيو تہ درياخان پنھنجي جان بچائڻ لاءِ حيلا ٿو ھلائي، تنھنڪري انھن ھن کي ڪو جواب ڪونہ ڏنو ۽ پنھنجن گھرن جا دروازا بند ڪري ويھي رھيا.

دريا خان ٺٽي کان نڪري، پنھنجن انھن سوارن سميت جيڪي سائس گڏ ھئا، شاه بيگ جي مقابلي لاءِ نڪتو. خانواه جي ڪناري تي ٻنھي جي وچ ۾ خوفناڪ لڙائي لڳي. درياخان وڏي بهادري ۽ همت سان وڙھندو رھيو ۽ پيٻھريءَ جي وقت شھيد ٿي ويو ۽ سائيه جي سڪ ملڪ سان وفاداريءَ جي تاريخ ۾ پنھنجو نالو اھڙي نموني روشن ڪري ويو، جو سنڌ جا ماڻھو اڄ بہ کيس "دولھ دريا خان" جي نالي سان ياد ڪن ٿا. ھن جي شھادت بابت تاريخ ۾ لکيل آھي تہ ھڪ تير سندس ڳچيءَ ۾ لڳو، جنھنڪري ھو شھيد ٿي ويو. ڪجھ تاريخن ۾ لکيل آھي تہ درياخان جيڪو ھمت ۽ شجاعت جو پتلو ھو،

هن ويڙهه ۾ مغلن جي هٿان گرفتار ٿيو ۽ شهيد ڪيو ويو. انهن تاريخن مان اهاخبر ڪونه ٿي پوي ته هي بهادر ۽ دلير شخص ڪهڙي نموني مغلن جي هٿان گرفتار ٿيو ۽ شهيد ڪيو ويو. سمجهيو ائين ٿو وڃي ته مغل هن سان وڙهي وڙهي ڪڪ ٿي پيا هوندا ۽ پوءِ نيٺ هن کي دوکي سان صلح وغيره جي آڇ ڏئي، گهرائي شهيد ڪيو هوندائون.

ٺٽي جي تباهي:

١١-محرم سنه ٩٢٧هجري (١٥٢٠ع) جو اهو ڪارو ڏينهن هو، جنهن ڏينهن شاه بيگ، فتح جا نغارا وڄائيندو ٺٽي ۾ داخل ٿيو. هن، شهر ۾ داخل ٿيڻ سان لٽڻ ۽ ڦرڻ جو حڪم ڏنو. تاريخن جي لکڻ مطابق ٢٠-محرم تائين يعني سڄا سارا ڏهه ڏينهن هن جو لشڪر ٺٽي جي معصوم شهرين کي لٽيندو ۽ ڦريندو رهيو. ان وچ ۾ هي، شهرين سان هر طرف جو ظلم ۽ ڏاڍ پڻ ڪندا رهيا. ماڻهن کي ذليل ۽ خوار ڪندا رهيا ۽ ڪيترن ئي ماڻهن جي عيال کي گرفتار پڻ ڪيائون. تاريخ-سنڌ جي مطابق ته خدا ڄاڻي اهو ظلم، تشدد ۽ خونريزي ڪيترو وقت قائم رهي ها ۽ شاه بيگ جي غضب جي باه ڪڏهن ڍري ٿئي ها. جيڪڏهن اتفاق سان هي واقعو پيش نه اچي ها. ٿيو هيئن جو ٺٽي جي ان وقت جي مشهور ۽ ناليواري

عالم قاضي قادن جو خاندان بہ شاہ بيگ جي ہاريل ظلم جي ان باھ جي وچ ۾ اچي ويو. قاضي قادن چرين وانگر ٺٽي جي گھٽين ۾ پنھنجي گھر جي ياتين کي ڳولھيندو رھيو ۽ انھن جي ڪاٻہ سڌ ڪيس ڪونہ پئي. آخر قاضي صاحب ٺٽي جي دل آزاريندڙ ۽ وار- ڪانداريندڙ حالت ۽ پنھنجي خاندان جي گم ٿيڻ جي سموري ڪٿا، ھڪ نھايت اثرائتي خط ۾ شاہ بيگ کي لکي موڪلي. شاہ بيگ کي جڏھن حافظ محمد شريف پيش امام جي معرفت اھو خط مليو تہ ھو تمام گھڻو متاثر ٿيو ۽ ھڪدم شھر ۾ پڙھو گھمرايائين تہ ھاڻي ٺٽي جي ماڻھن جي مال ملڪيت کي ڪوبہ ھٿ نہ لائي-پوءِ ھن ھڪ تير قاضي قادن جي حوالي ڪري، پنھنجن ماڻھن کي چيو تہ قاضي صاحب ھن تير سان جنھن بہ ماڻھوءَ ڏانھن اشارو ڪري، اھو سندس حوالي ڪيو وڃي.

ٺٽي جي ھن عبرتناڪ ۽ ڏکوئيندڙ حالت دوران ڄام فيروز، پنھنجن ڪن خاص ماڻھن سان ڀڄي وڃي پير پٺو(پيرآر) جي علائقي ۾ ترسيو. ھن ۽ ڄام نندي جي خاندان جا ڀاتي ٺٽي ۾ رھجي ويا. جڏھن شاہ بيگ کي انھن جي خبر پئي تہ ھن پنھنجي خاص ماڻھن کي ڄام فيروز حويليءَ جي سنڀال لاءِ مقرر ڪيو جن سندس عزت ۽ جان مال جي حفاظت ڪئي.

آخر ڪجھ ڏينھن ڪانپوءِ ڄام فيروز، شاہ بيگ جي آڏو پيش پيو ۽ معافي گھريائين. سندس اھا معافي اصل ۾ دولہ دريا خان

جي ان جنگ بابت هئي، جيڪا هن سنڌ سائيه ڪي غيرن جي چنبي مان ڪڍڻ لاءِ شاه بيگ سان ڪئي هئي- نه ته هن ۽ سندس ماءُ ته شاه بيگ کي پاڻ سنڌ تي قبضو ڪرڻ لاءِ آندو هو. شاه بيگ، ڄام فيروز جي عاجزي ۽ بيوسي ڏسي کيس معاف ڪيو ۽ پنهنجي وزير ۽ صلاحڪارن سان مشوري ڪرڻ کان پوءِ سنڌ ملڪ جو ٽئين وارو حصو ڄام فيروز جي حوالي ڪيائين ۽ باقي حصي تي پنهنجا امير مقرر ڪيائين. تاريخ طاهريءَ واري لکيو آهي ته ڄام فيروز، شاه بيگ سان وعدو ڪيو ته هو هر سال فصل تي، هتان جي زميندارن کان ڍل وصول ڪري پابنديءَ سان شاه بيگ کي موڪليندو رهندو. شاه بيگ به کيس پنهنجو پٽيلو بڻائي، سندس وڏن گادي يعني ٺٽو سندس حوالي ڪيو. اهڙي طرح سمن جي خاندان جي پوڻن ٻن سؤ سالن کان قائم ملڪي حڪومت، هن بي عقل ۽ ناسمجھ حاڪم جي غلط سوچ ۽ غلط ڪردار جي ڪري ختم ٿي ۽ ڌارين جا قدم سنڌ ڌرتيءَ تي پختا ٿيا. ائين ارغون جي حڪومت جي شروعات ٿي. ٺٽو فتح ڪرڻ کانپوءِ شاه بيگ منزلون لتاڙيندو، سيوهڻ ۾ اچي پهتو.

جنگ جي تياري:

ڇوندا آهن ته جڏهن ڌرتي ڪنهن وڏي خطري جي مُنهن ۾ ايندي آهي يا ڪا وڏي ٻوڏ ايندي آهي ته هر قسم جا جانور

پنهنجي حياتي بچائڻ جي فڪر ۾ نڪري ٻاهر ٿيندا آهن ۽ ڪوبہ ڪنهن کي نقصان ڪونہ رسائيندو آهي. انسانن جي بہ اها حالت آهي. خاص طور جڏهن پنهنجي سائيه جي ڌرتيءَ تي ڌارين جي حملي جو خطرو پيدا ٿي پوندو آهي تہ ٻوءِ مذهب، ٻولي ۽ رنگ نسل جي فرق کي ڇڏي، سڀئي ڌرتيءَ جاوا هڪ ٿي بيهندا آهن ۽ گڏجي ڌارين سان مهاڏو اٽڪائيندا آهن. اهڙين حالتن ۾ جوڌا جوان يا علم ۽ فضل جا مالڪ ارڏا انسان پنهنجي سرجو سانگو لاهي، پنهنجي قوم جي اڳوانيءَ جو بار پنهنجن ڪلهن تي کڻي نڪري نروار ٿيندا آهن.

جڏهن شاه بيگ ٺٽي کان منزلون ڪندو سيوهڻ اچڻ لڳو تہ هت بہ اسانکي اها ئي صورتحال نظر اچي ٿي. سيوهڻ جا مسلمان توري هندو قبيلا پنهنجي وطن کي ڌارين جي لٽ مار کان بچائڻ لاءِ هڪ ٿي بيهن ٿا. شاه بيگ جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي هتان جي سهتن (مسلمان) ۽ سوڍن (هندو) قبيلن پاڻ ۾ گڏجي اهو فيصلو ڪيو تہ جيستائين هن سر ۾ ساه هوندو، تيستائين شاه بيگ کي هتي قبضو ڪرڻ ڪونہ ڏيندا سين. هوڏانهن سنڌ جي برک عالم، بزرگ ۽ وطن جي حب سان ٽمٽار شخصيت مخدوم بلاول کي جڏهن انهن حالتن جي ڄاڻ پئي تہ سندس وطن تي ڌارين قبضو ڪرڻ شروع ڪيو آهي تہ هو بہ بي چين ۽ بيقرار ٿي ويو. هن هڪدم پنهنجو ڏنڊو ڏاڙي ۽ ٻيا ڪم ڦٽا ڪري، سيوهڻ علائقي جي عام ماڻهن، مريدن، معتقدن،

قبيلن جي سردارن ۽ مشهور ماڻهن سان رابطو ڳنڍيو ۽ کين پنهنجين تقريرن، وعظن ۽ ڪچهرين وسيلي ان ڳالھ لاءِ قائل ڪرڻ شروع ڪيو تہ: حب الوطن من الايمان يعني ساڻيہ جي محبت، ايمان منجهان آهي، غاصب ڪير بہ هجي، اهو ظالم آهي ڌرتيءَ جي اصل رهاڪن جي ملڪيتن تي ناجائز قبضو ڪرڻ وارو ۽ سندن عزت ۽ جان کي نقصان پهچائڻ وارو، پوءِ ڀلي ڇو نہ ڪو مسلمان ئي هجي، اهو ظالم آهي-ان سان مقابلو ڪرڻ فرض آهي ۽ ديني گهرج آهي. اسلام اسانکي سيکاري ٿو تہ اوهان پنهنجون ضرورتون روڪي بہ ٻين جون ضروتون پوريون ڪريو. ايئن نہ ڪريو تہ بنا ڪنهن سبب جي، يا ڪنهن ٿوري گهٽي بهاني تي ٻين جي ملڪن تي قبضو ڪندا وتو ۽ انهن کي لٽيندا ڦريندا ۽ تباھ ڪندا وتو. مخدوم بلاول جي انهن ويچارن جو سيوهڻ جي ماڻهن تي وڏو اثر ٿيو ۽ هو پنهنجي وطن کي بچائڻ لاءِ مرڻ مارائڻ لاءِ تيار ٿي ويا.

تلٽيءَ جي ميدان ۾:

شاھ بيگ جي مقابلي لاءِ سيوهڻ جا سنڌي ماڻهو يعني ڄام، سهتا ۽ سوڍا، تلٽيءَ جي ميدان ۾ گڏ ٿيڻ شروع ٿيا ۽ جنگ جون تياريون ڪرڻ لڳا. هوڏانهن شاه بيگ سيوستان جو قلعو هٿ ڪري، مير عليڪہ ارغون، سلطان مقيم بيگلار، ڪيبڪ ارغون ۽ احمد ترخان کي سيوستان (سيوهڻ) ۾

چڏي، سلطان محمود خان ڪوڪلتاش کي بکرجي قلعي تي مقرر ڪيو. ان ڪانپوءِ هن قاضي قادن کي سنڌ جي شهيد دوله دريا خان جي پٽن محمود ۽ مٺڻ خان ڏانهن موڪليو تـ هو کين ريهي ريبي ان ڳالھ لاءِ آماده ڪري تـ هو، شاه بيگ ارغون جي حڪومت سان وفادار ٿي رهن ۽ مخالفت کان پاسو ڪن. قاضي قادن، جڏهن شاه بيگ جي حڪم تي محمود ۽ مٺڻ خان وٽ پهتو تـ محب-وطن پيءُ جي هنن ٻي جگر ۽ ساٿيھ جي سک سان پريل پٽن، قاضي قادن سان ملڻ کان ئي انڪار ڪيو. قاضي قادن تمام گهڻي ڪوشش ڪئي، پر هو پنهنجي ڪوشش ۾ ڪامياب نـ ٿيو ۽ ناڪام موٽي ويو. اهو سمورو اثر مخدوم بلاول جي ڪوششن جو هو. مخدوم بلاول نـ صرف دريا خان جي پٽن کي هن ڪم لاءِ تيار ڪيو پر سمن، سهتن، راٺي رٺمل سوڍي ۽ سندس ڀاءُ جوڌا سنگھ سوڍي کي بـ هن قومي جنگ لاءِ اُڀاريو-جنهن جي نتيجي ۾ هي ٻئي بهادر ڀائر ٺٽيءَ جي قلعي تي قبضو ڪري ويٺا ۽ سوڍن ۽ سهتن جي هڪ وڏي لشڪر جي اڳواڻي ڪرڻ لڳا. محمود ۽ مٺڻ خان وٽ بـ سندن جاگير ڪاهان (ڳاهان) ۾ ماڻهو هڪ وڏي لشڪر جي صورت ۾ گڏ ٿي ويا.

هوڏانهن شاھ بيگ ارغون ٺٽيءَ جي سامهون اچي خيما کوڙيا. ٺـن ڏينهن ڪانپوءِ، ڪنهن ماڻهوءَ اچي کيس ٺٽيءَ جي قلعي ۽ ميدان ۾ جمع ٿيل سنڌي لشڪر جو سربستو احوال

ڪيو ۽ اهو بہ پڌايانئس تہ ميان محمود، مٺڻ خان، چام سارنگ ۽ رائو رتمل سوڍو سندس خدمت ۾ اچڻ لاءِ تيار هئا، پر اتان جي هڪ عالم مخدوم بلاول کين جهليو آهي ۽ شاه بيگ سان وڙهڻ لاءِ تيار ڪيو آهي. شاه بيگ کي اهو پڌي ساڙ وٺي ويو. تاريخن اهو واقعو درج ڪيو آهي، پر اسانجي خيال ۾ پڌائڻ واري اها ڳالهہ ڪيس غلط پڌائي هئي تہ ڪو سنڌي جوڌا ڌانهس اچڻ لاءِ تيار هئا، ڇاڪاڻ جو اهي ئي تاريخون اها ڳالهہ بہ لکي چڪيون آهن تہ قاضي قادن جهڙو هوشيار، ذهين ۽ بااثر عالم بہ درياخان جي پٺن کي شاه بيگ سان ملائڻ ۽ کين حڪومت جو وفادار بڻائڻ ۾ ناڪام ٿي واپس وريو هو، تہ پوءِ اهي ماڻهو شاه بيگ سان ملڻ لاءِ يا سندس هٿ ۾ هٿ ڏيڻ لاءِ ڪيئن تيار ٿيا هوندا- باقي اها ڳالهہ مڪمل طور برابر آهي تہ انهن جوڌن کي غاصب ۽ ظالم شاه بيگ سان وڙهڻ لاءِ تيار ڪرڻ ۾ جتي سنڌن قومي جذبي، وطن سان سڪ ۽ بهادر پيءُ جي رت جو حصو هو، اتي مخدوم بلاول جي جوش ڏيارڻ ۽ قومي جاڳرتا جو بہ هٿ هو.

شاه بيگ تہ هونئن ئي ٺٽيءَ ۾ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي آيو هو، باقي ڪيس ٿورڙي بهاني جي ضرورت هئي، جيڪو ڪيس ان شخص جي ڳالهين مان ملي ويو. تاريخ سنڌ ۾ لکيل آهي تہ اها خبر پڌندي ئي شاه بيگ ۽ سندس لشڪر پيڙيون هٿ ڪري دريا ٽپي آيو- ٺٽيءَ جي ماڻهن ٻاهر نڪري، رائي رتمل سوڍي

جي اڳواڻيءَ ۾ لشڪر جو ڪجھ حصو محافظ دستي طور روانو ڪيو. هوڏانهن وري شاه بيگ، محافظ دستي طور ڪجھ لشڪر مير فاضل جي اڳواڻيءَ ۾ اڳتي موڪليو. هن پهرين ئي حملي ۾ رتمل سوڍي جي فوجن کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو. پوءِ شاه بيگ پنهنجي فوج سان اچي پهتو ۽ هن جي لشڪر تيزيءَ سان ٺٽيءَ جي دروازي تي قبضو ڪري ورتو. سمن جو ڪجھ لشڪر قتل ٿيو، ڪجھ دريا ۾ ٻڏي مري ويو ۽ ڪجھ ٻچي سيوهڻ ڏانهن هليو ويو. محمود خان، مٺن خان ۽ چام سارنگ ٻڻ بهادريءَ سان وڙهندي شهيد ٿي ويا. هن لڙائيءَ ۾ سوڍن بہ وڏي بهادري ۽ جوانمرديءَ سان مقابلو ڪيو. انهيءَ جوش ۽ جذبي جي ڪري سندن وڏو تعداد، جوڌا سنگھ جي پاءُ رتمل سان گڏ مارجي ويو.

جنگ ڪانپوءِ:

هن جنگ ۾ سنڌي فتح حاصل ڪري نہ سگھيا. جنگ ڪانپوءِ شاه بيگ پنهنجي عادت موجب ٿن ڏينهن تائين، پنهنجي لشڪر هٿان ٺٽيءَ جي ماڻهن کي ڦريندو، ڦٽيندو ۽ مارائيندو رهيو ۽ اتان جي رهاڪن کي مڪمل طور تباه ۽ برباد ڪري ڇڏيائين. ٺٽيءَ جي ماڻهن پنهنجي ۽ وطن جي بقا لاءِ آخري بازي لڳائي هئي، پر سمہ خاندان جي تقدير جو پاسو بدلجي چڪو هو ۽ هاڻي ڪابہ طاقت ڪين تباهيءَ کان بچائي نہ

پئي سگهي. شاه بيگ سنڌ تي پورو قبضو ڪرڻ ڪانپوءِ سيوي ۽ شال ڏانهن هليو ويو.

شهادت:

شاه بيگ کي خبر هئي تہ سنڌين کي وڙهن لاءِ تيار ڪرڻ ۾ مخدوم بلاول جو وڏو هٿ هو، انڪري هن مخدوم ۽ سندس خليفن تي ڪرڙي نظر رکي ۽ مٿن ڪيترا ڏنڊ وڌا، جيڪي هن ڀري ڏنا. شاه بيگ جي دل تڏهن بہ ڪونہ ٺري، سو هن هٿ ٺوڪين ملن کان فتويٰ وٺي مخدوم بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙهائي شهيد ڪرائي ڇڏيو. ڪن تاريخن ان واقعي کي حقيقت جي خلاف سمجهيو آهي ۽ صرف هڪ عوامي روايت سمجهيو آهي. جيئن تہ اهو واقعو سنڌ ۾ عام مشهور آهي ۽ مخدوم نوح عليہ جي پوٽي ميان غلام رسول صديقيءَ بہ پنهنجي ڪتاب ۾ آندو آهي، تنهنڪري اهو واقعو ڪتاب "مخدوم بلال باغباني" جي ليکڪ جي لفظن ۾، جيڪو هن صاحب وضاحت ۽ دلچسپ انداز سان تحرير ڪيو آهي. پيش ڪجي ٿو:

"مخدوم صاحب کي شهيد ڪرائڻ لاءِ سازش سٽي وئي. اهو خيال ڪري، شهر جي هڪ موچيءَ کي گهرائي چيائين تہ، "اهڙي ڪا جُتي تيار ڪر، جنهن جي تري ۾ قرآن پاڪ جا ورق وجهي، وري مخدوم بلاول کي باغبان ۾ مخفي طور ڏئي

اچ!“ موچيءَ پهريائين تہ ان فريبي کم کان نابري واري، پر پوءِ حاڪمن جي دٻپ کان ڊڄي، لاچار هائو ڪئي. آخر ٿورن ڏينهن ۾ جتي تيار ڪري، آڻي مخدوم صاحب کي ڏنائين. مخدوم بلاول جتي ڏسي، موچيءَ کان معلوم ڪيو تہ ”ابا! هيءَ جتي آهي!!؟“ موچيءَ هٻڪندي ورائيو، تہ ”هائو سائين.“ پوءِ مخدوم صاحب ”ستار العيوب“ صفت کي سڃاڻي، پرده پوشيءَ وارو پهلو اختيار ڪندي، ڳوٺ جي موچيءَ کان اوزار گهرائي، جتي کولائي منجهانئس ٽوپي جوڙائي، ۽ پنهنجي خليفي مخدوم ساهڙ جي مٿي تي وڌائين.

موچيءَ موٽي اچي سموري اکين ڏٺي ماجرا ٻڌائي. پوءِ زبرستي موچيءَ کان ڪوڙي فرياد قاضيءَ وٽ داخل ڪرائي وٺي ۽ اهڙو اطلاع ٺٽي جي گورنر کي پڻ موڪليو ويو تہ، ”باغبان جو بزرگ مخدوم بلاول، جتيءَ ۾ قرآن پاڪ جا ورق وجهي، پيرن ۾ پائي گهمندو وتي ٿو.“ انهيءَ گواهيءَ لاءِ مٿس ڪوڙا شاهد بہ بيهاريا ويا. ٺٽي جي گورنر بنا ڪنهن دير جي باغبان ۾ منزل ڪئي. سانس گڏ وقت جو قاضي، موچي ۽ هٿرادو شاهد بہ آيا.

عدالت قائم ٿي، جنهن ۾ مخدوم صاحب کي آڏي پڇا لاءِ پڻ آندو ويو. مخدوم صاحب سموري ماجرا سڻي، موچيءَ کان صرف ايترو پڇيو تہ، ”بابا! تنهنجي ناهيل جتي، مون پيرن ۾ پاتي هئي!؟“ موچيءَ هٻڪندي مجبوراً شرم وچان هائو

ڪئي. انهيءَ تي مخدوم بلاول ٽڏو ساه پريندي قاضيءَ کي مخاطب ٿي چيو ته، ”آءٌ پيو ڪجهه به چوڻ نه ٿو چاهيان... ۽ خدا تعاليٰ جي رضا تي راضي آهيان... بس، توهان پنهنجو ارادو پورو ڪريو!“ قاضي، جيڪو مخدوم صاحب تي آيو ئي ڏوهه ثابت ڪرڻ هو، تنهن نه پهه مٿس ڪفر ۽ الحاد جي تهمت ڏيندي وراڻيو ته، ”مخدوم صاحب کي انهيءَ عظيم گناه عيوض، شرعاً لوهي گهاڻي ۾ جيئرو پيڙهايو وڃي!“ مخدوم صاحب نهايت صبر سان فيصلو ٻڌي، سر تسليم خم ڪيو.

بس، حڪم ملڻ جي دير هئي. سمورا سانباها ٿي ويا. فتويٰ موجب مخدوم صاحب کي لوهي گهاڻي ۾ وڌو ويو. پهريائين سندن پير پيڙيا ويا، جنهن تي مخدوم صاحب جي اکين مان آب اچي ويو... سندس زبان مان هي الفاظ نڪتا ته، هينئر انهن ظالمن جون ٻاڙون پنجي رهيون آهن. جڏهن چيله کان مٿي پيڙجڻ لڳو ته سندس صبر جو پيالو لبريز ٿيو، جنهن ڪري بي اختيار زبان مان هي الفاظ نڪري ويا ته، ”الحمدالله! جو مونکي اڄ شهادت نصيب ٿي آهي!! آءٌ مظلوم آهيان، ۽ سچ پچ ڏسي رهيو آهيان ته خداوند ڪريم منهنجي وڏن لاءِ بخشش جا دروازا ڪشادا ڪري رهيو آهي!!“ آخر باغبان ۾، شاه بيگ ارغون جي وقتي سياست سببان، ٧١ ورهين جي ڄمار ۾، سومر جي شام جو، پهرين محرم الحرام ٩٢٩هه مطابق ٢-جنوري ١٥٢٢ع تي مخدوم صاحب شهادت جو جام نوش فرمايو. سندس چڪنا

چور جسم کي هڪ مٽ ۾ وجهي، اُتي دفنايو ويو، جتي هينئر سندس مزار موجود آهي.

مقبرو ۽ مسجد:

مخدوم بلاول جو روضو باغبان ۾ آهي، جتي ڪيترائي ماڻهو روز اچي سلام ڀرين ٿا. هر مهيني جي ٻهرين جمعي تي هتي وڏو رنگ لڳي ويندو آهي. ان موقعي تي مخدوم بلاول جا عقيدتمند ذڪر ۽ فڪر ۾ محو هوندا آهن. سماع جون محفلون ٻه رچايون وينديون آهن. درگاه جي سنڀال مخدوم ڀرڪڻ جي اولاد جي حوالي رهندي آئي آهي، جيڪي پاڻ کي "مَلڪ" سڏرائيندا آهن. شيخ ڀرڪڻ جي آل اولاد مان ڪيترا ئي اڄ به درياءَ جي ڀنهي ڪنارن تي آباد آهن ۽ "ڪيڙا" سڏرائن ٿا. تازو سرڪار، ماڻهن جي سهوليت لاءِ مخدوم صاحب جي روضي جي سامهون هڪ ريلوي اسٽيشن "مخدوم هالٽ" قائم ڪئي آهي، جنهن جي ڪري ماڻهن کي روضي تي پهچڻ ۾ ايجان به سولائي ٿي پئي آهي.

سنه ١٣٥٦ع هجري مطابق ١٩٣٨ع ۾ مخدوم صاحب جي روضي جي ڀرسان، ڳوٺ وڳڻ وڏا تعلقي واره ضلع لاڙڪاڻي جي زميندار محبوب خان وڳڻ، هڪ لک روپين جي خرچ سان هڪ عاليشان مسجد جوڙائي هئي. هن وقت مرحوم محبوب خان وڳڻ، هڪ لک روپين جي خرچ سان هڪ عاليشان مسجد

جوڙائي هئي. هن وقت مرحوم محبوب خان وڳڻ، جي نالي جي پٺيان وڳڻ ڳوٺ "محبوب خان وڳڻ" سڏجي ٿو. وڳڻ ڳوٺ، لاڙڪاڻه کان ٢٦ ڪلوميٽرن جي پنڌ تي، حيدرآباد ويندڙ مکيه شاهراه تي آهي.

تعليمات:

مخدوم بلاول جي سڄي عمر ماڻهن کي نيڪيءَ جي تعليم ڏيندي ۽ وطن جي خلاف ڪاهي ايندڙ ڌارين ۽ غاصبن سان مهاڏو اٽڪائڻ ۾ گذري. پنهنجي زندگيءَ ۾ ماڻهن کي روحاني تعليم ڏيندي هن جيڪي ڪجھ فرمايو، ان مان ڪي قول جيڪي ماڻهن ياد ڪيا، سي هن ريت آهن؛

١- جنهن ۾ تي ڳڻ ڏسو تہ انهيءَ مان ضرور فائدو وٺو، جو توهانجو مرشد اهو آهي. هڪ تہ سندس اڳيان ويهو تہ توهانکي خدا ياد اچي وڃي. ٻيو تہ جيڪي ڳالهائي سو اوهانجي دل ۾ ويهي وڃي. ٽيون تہ سندس صحبت ڇڏڻ اوهان کي ڏکي لڳي.

٢- زماني جي سُڏن کي ترڪ ڪرڻ، جڻ روح جي راحت خريد ڪرڻ جي برابر آهي.

٣- والدين ۽ وڏن جي عزت پنهنجي لاءِ تحفو آهي.

٤- حق جي راھ ۾ سچ چوڻ جهاد آهي.

٥- موت اڻ ٽر آهي ۽ حياتي فاني آهي. انسان، مهمان جي

حيثيت ۾ هن جهان ۾ آيو آهي. جسم، تندرستي، دولت ۽ عزت عارضي آهن. اصل نعمت عملن سان ٿي سگهي ٿي، جيڪا آخرت ۾ ڪم ايندي.

٦- خدا جي ڪلام (قرآن پاڪ) جي حفاظت اسانجو ايمان آهي.

مخدوم بلاول جهڙن سنڌ جي عظيم سپوتن جي زندگي ۽ سندن ڪارنامن جو جڏهن احوال پڙهجي ٿو ته اسانکي خبر پوي ٿي ته نيڪ ٿي گذارڻ، ٻين جي ڪم اچڻ، خدا جي راهه جو پانڌيئڙو ٿيڻ ۽ ان سان گڏ پنهنجي ساٿيه جي حفاظت ڪرڻ هر انسان جو پهريون فرض آهي. خدا پاڪ اسانکي به همت ڏي ته اسان به انهن بزرگن جي پيروي ڪندي، پنهنجي وطن جي حفاظت ڪري سگهون.